شاهه صاحب سُر بلاول ۾ جن ٽن ڪردارن کي ساراهيو آ- اُهي آهن: ابڙو سمون ۽ ڄام جکرو ۽ راهو. پاڻ فرمائين ٿا ته

(٣) — تڙ تڙ ڪيم ترس، سر نهارج سپرو.
ڏيندءِ ڪنڪ لطيف چئي، راڄ راهوءَ جي رس،
ولها جنهن ونهيا ڪيا، پاڻ تنهنجي پس،
ڪوڙين لاهي ڪس، جي ڳالهائي ڳاٽ ڪٽي.

هن بيت ۾ لطيف سائين واٽهڙو غريب مسافر کي صلاح ڏئي ته اُڄ ۽ پياس لاهڻ لاءِ هر هڪ تڙ تي ترسي وقت نه وڃاءِ بلڪه وڏي تلاءُ يا چشمي جي تلاش ڪر. جيڪو ڏهن سمن جي سرتاج راهوءَ جي راڄ يا جوءِ ۾ رهندي ته سپئي سڪ پسندين. هو توکي ڏسندين ئي ڪنڪ ڏئي پهڌيندو. اهڙي مرس جي پيڳ يا چهڻ جو وهي ديدار ڪر. جنهن مرس سُخن کي سالوڪري ڇڏيو آهي لوڻ ڪيڏو نه ڏکايل هوندين پر جي هو ڪنڌ مٿي ڪري مخاطب ٿيندو / ڳالهائيندو ته بي انداز محبت ۽ رحم ۽ دلين جي ميراڻ هڪ دم ميسار ٿي ويندي. (حوالو: سر بلاول جا تاريخي ڪردار ۽ واقعا - رقيه غلام نبي شاهاڻي)

(٤)- راهوءَ جي رهاڻ ۾ نه ڪو ڏپ نه ڪو ڊاءُ

شاهه صاحب پنهنجي لافاني ڪلام ذريعي "راهن" کي هڪڙي قسم جي سند (Certification) عنايت ڪئي آهي. جيڪا تاريخ جي طويل سفر ۾ اڻ مٽجندڙ حوالي طور هميشه ڪتب ايندي رهندي.

؛ حقير جي نظر ۾ تمام وڏا ڪارناما به ننڍڙا
هوندا آهن پر عظيم جي نگاهه ۾ ننڍڙيون
ڳالهيون به وڏيون هونديون آهن."

ساٿيو!

جيڪڏهن شهيد فاضل جي زندگيءَ مان پرائي
هن جي نقش قدم تي هلڻ جي هام هڻڻي آهي ته
دور حاضر جي تقاضائن پٽاندڙ وت ۽ وس آهر
ماڻهن جو پر ڀلو ٿيڻو پوندو. سهپ ۽ خدمت
(service) جي وشال ڪيتر ۾ نون جذبن، طريقن ۽
اندازن مان اڳتي وڌڻو پوندو. مُري خارج ۽
رواجي طريقي ڪار ۽ هنوار زندگيءَ کي الوداع ڪري
جدت پسندي (innovative Approaches) کي ڳلي لائي
ڪامل يقين سان وڌنداسون ته يقيناً اسين به
شهيد فاضل وانگر ماڻهن جي دلين ۾
زندهه رهنداسين.

جيسين چنڊ ستارا رهندا،
فاضل تنهنجا نعرا رهندا.

---

Email: nawabralirahoo@yahoo.com
lalrahoo@gmail.com Cell # 0300-3059087
0312-3165333

Address: H.No: A-70/100 Abdullah Town, Qasimabad, Hyderabad.